# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

(1): مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ (2): دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ (3): فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **اسراف کان بچڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **ايمان مفصل** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْکَرِيْم!

## اسراف کان بچڻ

### دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ بخشش آهي. (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪ اعمال نمبر 49

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ ”نيڪ اعمال“ جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اڄ اسان ”72 نيڪ اعمال“ جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 49 جي باري ۾ مفيد معلومات حاصل ڪنداسين. نيڪ عمل نمبر 49: ڇا اڄ توهان مسجد، گهر، آفيس وغيره ۾ اسراف کان بچڻ

1... تاريخ مدينة دمشق،جلد:61،صفحه:381۔

جي ڪوشش ڪئي؟ (مثال طور: لائيٽ، پکو، بجلي وغيره جو بنا ضرورت استعمال ڪرڻ، ضرورت کان وڌيڪ پاڻي هارڻ يا وهائڻ).

## اسراف جي تعريف

غير حق ۾ صرف (يعني خرچ) ڪرڻ **اسراف** آهي[1].

**وضاحت:** ڪنهن بہ شيءِ کي بلا ضرورت ۽ بي فائده خرچ ڪرڻ اسراف چئبو آهي. مثال طور فضول خرچي ڪرڻ جهڙوڪ: ۞ لائيٽون ۞ پنکا ۞ اي سي وغيره بغير ضرورت جي هلندڙ ڇڏي ڏيڻ ۞ جتي هڪ لائيٽ سان ڪم هلي سگهي اتي ٻہ يا وڌيڪ لائيٽون ٻارڻ ۞ ضرورت کان وڌيڪ پاڻي هارڻ يا وهائڻ ۞ قابلِ استعمال شيون مثال طور هڏي سان ٻوٽي لڳل هجي، بغير صاف ڪئي اڇلائي ڇڏڻ، ماني جا ڪنارا وغيره اڇلائي ڇڏڻ وغيره سڀ اسراف جون صورتون آهن.

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

وَلَا تُسْرِفُوْا ؕ اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الْمُسْرِفِیْنَ ﴿۱۴۱﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ فضول خرچي نہ ڪيو بيشڪ هو فضول خرچي ڪندڙن کي پسند ناهي فرمائيندو. (پاره:8،الانعام :141)

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

۞ جيڪو مياني روي اختيار ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي مالدار بڻائي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو فضول خرچي ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي فقير ڪري ڇڏيندو آهي[2]. ۞ بيشڪ الله پاڪ 3 ڪمن کي پسند ناهي فرمائيندو: فضول ڳالهيون، مال ضايع

---

1 فتاویٰ رضویه،جلد:1،صفحه:926-1

2 كنز العمال ،كتاب الاخلاق ،الاقتصاد والرفق فى المعيشة ،جز:3،جلد:2،صفحه:24 ، حديث :5434-

ڪرڻ ۽ تمام گهڻا سوال ڪرڻ.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جي ڏينهن هر نعمت بابت سوال ڪيو ويندو. هڪ محتاج شخص نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مون تي به ڪا نعمت آهي (جنهن بابت مون کان پڇيو ويندو)؟ فرمايائون: ها، سايو، جتيون ۽ ٿڌو پاڻي توکي به ميسر آهي، قيامت جي ڏينهن انهن بابت پڇيو ويندو.[2]

## اسراف جي مُتعلق احڪام

(1) اسراف (فضول خرچي ڪرڻ) مذموم (برائي) آهي.[3] (2): ٻن صورتن ۾ اسراف ناجائز ۽ گناهه آهي (1): هڪ (اهو) ته ڪنهن گناهه جي ڪم ۾ خرچ ڪرڻ. مثال طور: شراب نوشي، جوا، گانن باجن ۾ مال خرچ ڪرڻ. (2): بيڪار صرف مال ضايع ڪرڻ. مثال طور: بچيل کاڌو اجلائي ڇڏڻ، بغير ضرورت پنکا، لائيٽون، نل وغيره هلندڙ ڇڏي ڏيڻ.[4] (3): مسجد يا مدرسي جي پاڻي سان وضو ڪرڻ وقت ضرورت کان وڌيڪ پاڻي خرچ ڪرڻ حرام آهي.[5]

## اسراف جا نقصان

۞ اسراف تنگدستي جو سبب آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو الله پاڪ جي نعمت جي قدر نٿو ڪري، ان کان اها نعمت کسي ويندي آهي. ۞ اسراف ڪرڻ شيطاني ڪم آهي. ۞ اسراف ڪرڻ واري کي شيطان جو ڀاءُ چيو ويو آهي. ۞ اسراف ڪرڻ وارو الله پاڪ کي پسند ناهي. ۞ قيامت جي ڏينهن اسراف جو حساب ڏيڻو پوندو.

## اسراف کان بچڻ جا طريقا

---

[1] بخاري، صفحه 537، حديث: 1477، مطبوعه دمشق۔

2 تفسير الدر المنثور ،پاره:30،سورۃ تكاثر،زير آيت :8 ،جلد:8،صفحه:619۔

3فتاوی رضويه،جلد:1،صفحه:984،بتغير قليل ۔

4 فتاوی رضويه،جلد:4،صفحه:940 ۔

[5] فتاوی رضويه ،جلد:1،صفحه:658،ملخصًا-

۞ اسراف جي انجام تي غور ڪريو تہ نعمت جي بي قدري ڪرڻ جي ڪري جيڪڏهن اها نعمت اسان کان کسي وئي تہ ڪهڙي مشڪل پيش ايندي. ۞ علمِ دين حاصل ڪريو تہ جيئن جهالت جي ڪري ٿيندڙ اسراف کان محفوظ رهو. ۞ نعمتن جي قدر دل ۾ وڌايو ۽ احساس پيدا ڪريو! ڪڏهن ڪڏهن غفلت ۽ لاپرواهي جي ڪري اسراف جي گناهہ ۾ مبتلا ٿي رهيا هوندا آهيون. ۞ عاجزي اختيار ڪريو. ۞ موت کي ڪثرت سان ياد ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل تان دنيا جي محبت ختم ٿيندي، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سڪڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

### ايمان مُفصَّل

اٰمَنْتُ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ
الْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَ شَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ ط

**ترجمو:** مان ايمان آندو اللّٰه پاڪ تي، ان جي ملائڪن تي، ان جي ڪتابن تي، ان جي رسولن تي، قيامت جي ڏينهن تي، ۽ ان تي تہ چڱي ۽ بري تقدير اللّٰه پاڪ جي طرف کان آهي، ۽ موت کان پوءِ ٻيهر اٿارجي وڃڻ تي.[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):**

1مستدرک، جلد:2،صفحہ:230،حديث: 2016۔

هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُالْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةالْاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟**(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةالّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گهري ڪري شيون استعمال نہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهه نہ

ڪجھ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41): وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچيؤ؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (53): فضول ڳالهين کان بچيا؟ (54): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (55): عمامو شريف ٻَڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گھر مان موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت

يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن
بہ ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟
**(64):** علائقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ
اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟